رشي درشن

آڌياتمڪ ماهوار رسالو



پرم پوجنيه سوامي آشارام صاحب

اوم

رشي درشن

انڪ : ٨
آگسٽ ١٩٩٧

سال - ١٩

شري يوگ ويدانت سيوا سمتي
سابرمتي احمدآباد - ٥ جي سهيوگ سان

• لکپڙهه لاءِ ائڊريس •

496/A. P. O. Sindhi Colony,
Sardarnagar, Ahmedabad-382475.

• بمبئي ۽ الهاسنگر لاءِ •

Mohan G. Rohira
5, Uphar Plot 148,
10th Road, Khar,
BOMBAY-4000 52.

Sant Shri Asharam Ashram
O. T. Section,
ULHASNAGAR-421002.

چندي جا نرخ

ني ڪاپي : Paise 1-50

هڪ سال لاءِ Rs. 15-00

لائيف ميمبر لاءِ Rs. 150-00

Edited & Published by Kumari SITA V. Brijwani
Printed at Gurdev P. Press, Kubernagar Ahmedabad.

آهي گياني به اهڙيءَ طرح پنهنجو پاڻ ۾ استٿت رهندو آهي.

اُن کي پاڻ کانسواءِ ٻيو ڪجهه ڪين ڀاسندو آهي انهن تي دنيوي ڳالهين جو ڪوبه اثر ڪونه ٿيندو آهي.

دئيت ۽ دک: اگياني سدائين ٻيا ٻيا الڳيءَ جلن ۽ ٻڙن. اهو دئيءَ (دئيت) ڪري آهي. انڪري

دئي دور ڪرو - ڪڇ اور نهين
تم شانت ڪرو شور
تم ساڌ بنو، ڪوئي چور نهين

آتم گيان سان ڀرانتي ڀاو نشٽ ٿئي ٿو. آتم گيان سان چت استر ٿئي ٿو ۽ جيئن ڏيئي ٻارڻ سان وهين جو انڌيرو دور ٿيندو آهي، تيئن گياني ٿيڻ سان من جي مليڻتا دور ٿئي ٿي ۽ هردي ۾ سچو پرڪاش ٿئي ٿو.

ڌيان مهل من چنچل ٿئي ٿو. سمجهجي ته مدهجي پڇن جو مٿس اثر ٿيو آهي. ٿڌهن پؤ ته ڪجي. وڃل باندر کي جهلبو ته هو ٽپا ڏيندو. ائين من آهي. پڇن ڪرڻ وارو ٻنو ته اها ڳالهه سمجهڻ لاءِ خراب آهي. من کي چٽجي ته آءٌ پڇن ۾ وهان ٿو، تون پلي ٻوڙ. من ڪيڏانهن ويندو؟ تون پيگوڻ سروپ آتما آڪاش وانگر ٻون وياپڪ آهين. هوا آڪاش

گيانيءَ سنسار

هڪ جگياسوءَ سوال ڪيو ته، سائين گياني کي سنسار سپنو ڪيئن ٿو پرتيت ٿئي؟ جيڪڏهن سپني وانگر آهي ته وهنوار ڇا جو؟ جي جڳ آهي سپنو ته پوءِ گياني ڇا جو؟

سوامي جن مشڪي ورائيو ته بابا! گياني سدائين ڪنول جي گل جيان نرليپ رهندا آهن.

جهڙيءَ طرح گدرو ٻاهران ڦاڪون هوندو آهي، مگر اندران هڪو هوندو آهي. ان رهت گياني به دنيا ۾ رهن ٿا، ٻاهران سندن نمونو نيارو نيارو، مگر اندر هڪ رس هوندو آهي. هو دنيا ۾ رهندي دنيا جا ڪين آهن. ٻاهران ڪرتا آهن، مگر اندر ۾ اڪرتا آهن.

دک سک، دونو سم ڪرجاڻو، مان اور اپمانا،
هرک شوڪ تي رهي انيتا، تن جڳ تت پڇاڻا.

هڪ وديارٿي سپني ۾ ڏٺو ته اڌياپڪ مون کي پاڙهي رهيو آهي ۽ ٻيا هڪ سؤ وديارٿي به، وديا وٺي رهيا آهن، پر جاڳڻ مهل سڀ ختم هو. هو مهڪي پاڻ ۾ اسٿت آهي، ٻيو ڪجهه ڪين

ڪو نہ. ابتداء اھڙا مدش ڪرڻ سمجھڻ گھرجن. جيڪو سڪ ستسنگ ۾ آھي، سو ڪٿي بہ نہ آھي. سچيءَ سڪ ستسنگ ۾ اچي واسو ڪن ٿا. يعني سچيءَ سڪ ستسنگ مان ملن ٿا. نام رس امر آھي، پر نام رس ڪٿي ملي؟ ڪنھن سنت پرک جي سنگ ۾ ۽ نہ ماڻھن جي ميڙن ۾. ڇا ٿيو جي اچي سون ھزارن جي تعداد ۾ ماڻھو آيا! پر جي انھن ھزارن ماڻھن جي وچ ۾ ھڪ بہ پريوءِ جو پيارو ڪونھي تہ اھو ستسنگ ڪونھي. ستسنگ اٿو سنتن جي چرنن ۾ ۽ اُت اٿوَ نام رس. اڙي ڀائي! ھن نام رس لاءِ ڪھڙي ٿي قيمت ڏيڻي پوي؟ ھڪ ڪوڏي بہ نہ.

دنيا ۾ ستسنگ جي سمان ٻي ڪنھن بہ ٻيج جو قُل ڪونھي ۽ ستسنگ مان ٿي مڪتي ملي ٿي، پر نہ ڪنھن ٻئي ڪم مان.

جيڪڏھن ڪنھن سنت جو درشن ڪرڻ وڃجي تہ پاڻ سان وگھنڪاري ماڻھو يا ڪو سنڪلپ پٺ جو نہ کڻجي ۽ وري ٻئي پير نہ موٽائجي، پوءِ اڳتي جيڪي ٿيڻو ھجي، سو پيو ٿئي.

سنتن جي ڪرپا درشنيءَ سان پائي بہ سنت ٿي وڃي ٿو ۽ انھن جي ڪرپا ڌان سواءِ سچو مارگ ڪو بہ لھي ڏٺو سگھي، والميڪ ۽ نامو ڀڳت، جن جا نيچ جنم ۽ نيچ ڪرم ھئا، سي ستسنگ ڪي پائي خود سنسار کي تارڻ واسطي جھاز ٿي ويا.

ڪانسواءِ ڪيڏانهن ويندي؟ من جيڏانهن ويندو، اتي تون ساڳي روپ سان ٻهرين ني براجمان آهين، من چاهي ٻوڙي، چاهي هڪ هنڌ ٻيهي، تون ته آتم سروپ جنهن جو ان آهين. جيئن من جي چنچلتائي ڪي ساڳي پاڻ سان جاڻڻ ساڳي چئن آهي، تئن من جي ٻوڙڻ کي جاڻڻ به ساڳي چئن آهي، ڇو ته تون جاڻ سروپ آهين.

ستسنگ جو سک: گرمک جو دڙم آهي ته سک دک، لاڀ هاڃي، مان - اپمان ۾ هڪ رس ورتي رکي ۽ اهو ئي ويچار ڪندو رهي.

اڄڪلهه ڪي پرامي ستسنگ ۾ اچن ٿا، ته ڪي نڪا اچن، جهڪي اچن ٿا... سي ٻه ٽن قسمن جا آهن (۱) ڪي ڪن رس لاءِ اچن ٿا، (۲) ڪي اهڙئي وقت گذارڻ لاءِ اچن ٿا، (۳) پياسي (ڪانڪي) آهن، جنکي سڪ آهي ته سائين ۽ سان ملون. جيڪو جهڙي ڀاونا سان اچي ٿو، انهن کي اهو ڦل ملي ٿو. ته به سنت چوندا آهن ته ستسنگ ۾ ضرور اچو. سنت پڇن ٿا ته اوهين ستسنگ ۾ صدق رکي اچو ٿا؟ ستسنگ اهو ئي ڪمائي جو صدق ۽ شرڌا سان اچي سنتن جي چرنن ۾ وهي ٿو.

ڪي ڪچا ستسنگي آهن. انهنکي جي چئجي ته اڄ فلاڻي هنڌ پارٽي آهي ۽ شراب به نڪرندو، اتي اچجو ته اوڏانهن جلد ويندا، مگر ستسنگ

۾

هڙيءَ طرح ڪال سيڻي کي اوچتو ئي پڪڙي وئي
و ۽ ڪنهن کي به سڃاڻ نٿو ڏئي. هي مشهور
جڏهن اگيان روئي مينگهه، گجي ٿو آڏهن لوپ روئي
ور پرسن ٿي نچي ٿو. جڏهن اگيان روئي مينگهه،
وسي ٿو آڏهن دکن روئي ول پڪڙجڻ لڳي ٿي.
لوپ روئي پڄلي کن کن ۾ چمڪو ڪري مٽجي وڃي
ٿي. انهيءَ پرڪار سان ترشنا روئي جار ۾ قائل
جيون روئي پکي دک پائيندا رهن ٿا، شانتي ڪڏهن
۾ نٿي اچين.

هي جڳت مورکن کي سندر ڏسڻ ۾ اچي ٿو پر
گيانيءَ کي ٽنهي لوڪن ۾ ڪو، پدارٿ سندر ڏسڻ
۾ نٿو اچي. گياني سڀ کي پرم روپ جاڻي ٿو ۽
اگياني جڳت جي پروسو ڪري ٿو.

چت روئي باندر وڏو چنچل آهي، جو ڪڏهن به
استر نٿو رهي. جهڙي طرح باهه ۾ پيل پارو اڏامي
وڃي ٿو. تهڙي طرح چت روئي پارو وشين جي
پوڻ ڏانهن اڏامي وڃي ٿو، استر ڪڏهن به
نٿو رهي.

... .

"آرش واڻي"

بالميڪ جن چون ٿا ته، هي ساڌو! هي وچن پرم آنند روپ ۽ ڪلياڻ جا ڪارڻ آهن. هن وچن ٻڌڻ ۾ تڏهن رچي ٿئي ٿي جڏهن انيڪ جنمن جا پاپ ڪٽائين ٿا. جهڙي طرح ڪلپ برڇ جي ڦل کي ڪڏهن وڏي پاپ سان پراپت ڪجي ٿو. تهڙيءَ طرح جنهن جا وڏا پاپ ڪٽا ٿيئن ٿا تنهن کي هن وچن ٻڌڻ ۾ رچي ٿئي ٿي، پاپي ڪڏهن ڪـي ٻ نٿي ٿئي. هي وچن پوتر جو ڪارڻ آهن.

هي منيشور! جي منش آيوءَ ٿي ڀروسو ڪن ٿا سي مورک آهن. جهڙيءَ طرح ٻن جـي مٿان پاڻيءَ جي ٻوند نٿي ٺهري تهڙيءَ طرح آيو ڪن ماتر آهي. جهڙيءَ طرح برساتي رت ۾ ڏيڏر ٻوليندا آهن ۽ انهن جو ڪنٺ سداءِ چنچل رهندو آهي. تهڙي طرح آيو ڪن ڪن ۾ گهٽجي وڃي ٿي. جهڙي طرح شري سدا شوءَ جي مستڪ تي چندرما جي لڪير نڪتل آهي تهڙيءَ طرح آڪاس جي مٿان سريـر روپي لڪير نڪتل آهي. هي منيشور! جنهن جيو کي هن سرير ٿي ڀروسو آهي سو مورک آهي. هي سرير ڪال جـو گراس آهي. جهڙي طرح ٻلي ڪوئي کي پڪڙي ٿي تهڙيءَ طـرح ڪال سڀني جيون کي پڪڙي وٺي ٿو. جهڙيءَ طرح ٻلي ڪوئي کي سهڻ نٿي ڏئي

ٻڌي ٽون ٻڌڪا آشرم ھليو وڃ، ايڪانت ۾ وڃي ويھ. ”مان آتما آھيان تہ ڪيئن آھيان؟“ اھو ڪوج. مان ڪير آھيان...؟ مان ڪير آھيان...؟ اھو ٻڌھجو ٻاڻ ڪان گھرائيءَ سان ٻڌ.

ٻار اڪثر پڇندو آھي تہ ھي ڇا آھي...؟ ھوءَ ڇا آھي...؟ ھي ڪير آھي...؟ ھوءَ ڪير آھي...؟ مگر مان ڪير آھيان...؟ اھڙو سنسار جي ڪنھن بہ ٻار پڇيو ناھي. اھو آتم گيان جو خزانو ٻڌائي رھجي ويو. ھاڻي تون ٻڌھجو ٻاڻ ڪان ٻڌ ”آءٌ ڪير آھيان؟“ کاڌو- پيتو، ھلو- چلو وري پڇو ’آءٌ ڪير آھيان‘؟ ’مان راملال آھيان‘.

اڙا! اھو تہ ٿڌھجي لھر جو ڌالو آھي. تون ڪير آھين؟ ٻاڻ سان پڇندا ڪريو. جيترو گھرو پڇندا اوترو ئي دويہ آزمودو ٿيڻ لڳندو. ايڪانت ۾ شانت واتاورڻ ۾ ويھي انھن پڇو... انھن پڇو جو بس! پڇڻ ئي ٿي وڃو.

ھڪ ٻن ڏھن ڏينھن جو اھو ڪم ناھي. خوب ابياس ڪرڻ سان ’مان ڪير آھيان‘ اھو پرگھٽ ٿيڻ لڳندو ۽ من جي چنچلتا ختم ٿيڻ لڳندي. ٻڌيءَ جا وڪار نشٽ ٿيڻ لڳندا. سنسار جو طوفان گھٽجڻ لڳندو. جيڪڏھن ايمانداريءَ سان ساڌنا ڪندا تہ ڇھن مھينن ۾ اتي پھچي ويندا جتي ڇھن سالن

اُپديش امرت

پرم پوڄيہ سائين آسارام صاحب

سڀ جڳہ چالڪهار...

سون جي دوارڪا سان گڏو گڏ سمورو يدوونش (ڀڳوان ڪرشن جو ڪٽنب) ناس ٿي رهيو هو...

تڏهن بہ ڀڳوان جي چهري تي ڪا دک جي ريکا ناهي، ڪا آسڪتي ناهي. ڇو؟ ڇاڪاڻ تہ هو آتما ۾ استٿت آهن. تتو ۾ نشٺ آهن. هو پرپنچ کي ستيہ نٿا سمجهن. سارو پرپنچ مٿيا آهن.

هن مٿيا پرپنچ جو خاتمو ٿي رهيو هو. اوڌو ڏٺو تہ ڀڳوان پنهنجي مايا سميٽي رهيا آهن. هاڻي هو سوڌام وڃڻ جي تياريءَ ۾ آهن. هن چيو:

"پڀو! دَيا ڪريو، مونکي بہ ڏٺ وٺي هلو."
ڀڳوان ڪرشن وراڻيو: "هي اوڌو! ساڻ تہ ڪوئي آيو ناهي ۽ نہ ڪوئي هلندو."

यदिदं मनसा वाचा चक्षुर्भ्यां श्रवणादिभिः ।
नश्वरं गृह्यमाणं च विद्धि माया मनोमयम् ॥

"من سان، واڻيءَ سان، اکين سان، ڪنن سان، جيڪو ڪجهہ آزمودہ ٿئي ٿو، اهو سڀ ناسوان آهي مدومي (مانسڪ) آهي، مايا مانر آهي."

هي اوڌو! مان توکي تتو گيان ٻڌايان ٿو. اهو

وير ناري

هڪ سنڌي نوجوان جي شادي ٿيڻجي هڪ من پسند، سندر، ۽ من موهيندڙ ڇوڪريءَ سان، وڏي شان شوڪت ۽ شادمانن سان ٿي گذري؛ جوڙو خوش هو.

ٺيڪ ٻي ڏينهن عزت سان جنگ جو ناد وڄيو. هر هڪ سنڌي سورهيه کي سورهن سالن جي نوجوان کان وٺي سٺ سالن جــي پيري تائين سڏ ٿيو ته هو جنگي پوشاڪ پهري، سنڌو ديش جي آن مان شان ۽ آزاديءَ جي برقراريءَ لاءِ لڙائيءَ جي ميدان ڏانهن، جيون جي آهوتيءَ لاءِ رخ رکن.

بس، اعلان جي دير هئي، مائرون پنهنجن نونهالن کي، زالــون پنهنجن پتارن کي جنگي پوشاڪ ۽ هٿيارن سان کڻي هيج مان سينگاري رهيون هيون. هر هڪ لاءِ اهائي هدايت هئي ته سندن لاش دشمن جي لاشن جي ٻير مٿان هئڻ گهرجي...

وستين ۾ رونق ڏسڻ وٽان هئي، جنگي پوشاڪ پهريل ٽولن جا ٽولا گيت ڳائيندا ٿي ويا، خوش ٿيندا پئي ويا...

اهو نوجوان به جنگي وستر پهري گهر کان نڪتو هـــو، کيس سندس ڪنوار هٿن سان جنگي شستر پهرايا هئا.

کان هلندڙ ماڻهو به اتي پهچي سگهي، ڇهه مهينا لڳي گاڏي هلي ۽ ڇهه ڪلاڪ هوائي جهاز اڏامي ته اتي ڪير پهچندو...؟

تتو گيان هوائي جهاز جي ياترا آهي.

ڀڳوان شري ڪرشڻ فرمائين ٿا: ”هي اڌو! تون بدريڪا آشرم وڃ. ڪوئي گڏ نه آيو آهي نه ڪوئي هلندو. تون چوين ٿو ته مون سان ساڻ هلين. پر نه تون مون سان گڏ آيو آهين ۽ نه مان تو سان گڏ. آيا آهيون اڪيلا ۽ هلڻ ويندا سين به اڪيلا اڪيلا. تون مون کان تتو گيان ٻڌي وٺ پوءِ مون سان اهڙو ملندين جو جدا ٿيڻ جو نياءُ ئي نه ايندو.“

هو ائين ته شري ڪرشن اڌو جي مٿي تي هٿ رکي چوڻ لڳا هان! ڦرر... ڦرر... ”تون مڪت ٿي وئين!“ ته. ڀڳوان کيس تتو گيان ڏنو ۽ چيائونس ته بدريڪا آشرم ۾ ايڪانت ۾ رهه. جيڪو اپديش ٻڌو اٿيئي انجو چڱيءَ طرح ابياس ڪر.

جانور پکين انهن کي گاهه کائيندا آهن پوءِ ويهي آهستي ان کي چٻاڙيندا آهن. اهڙيءَ طرح تون به ويهي ڪٿا ۽ ستسنگ ٻڌ، پوءِ ايڪانت ۾ ويهي انجو چنتن منن ڪر.

ستسنگ جيتري دير ٻڌو ان کان ڏهوڻي دير منن ڪريو. منن کان ڏهوڻي دير ندڌياسن ڪجي.

آءُ اوهانجي انتظار ۾ سرڳ پوريءَ جي دروازي تي، ڦول مالها کڻي بيٺي آهيان ......

اوهان جي چرڻن جي داسي

راڌا

چٺي لکڻ بعد هن داسيءَ کي سڏي سمجهايو.

چٺي اُن الهيءَ ۾ رکي، تلوار سان پنهنجي سسي ڪپي ...... اُن الهيءَ ۾ رکي اها داسيءَ کي ڏني.

نوجوان ڪنهن جڏهن چٺي ملي ۽ پتنيءَ جي مشڪندڙ سسي ڏٺي تڏهن سندس رت وڌيڪ اُٿڪيو ۽ نوڪي ويو دشمن جي لشڪر ڏانهن مست هاٿيءَ وانگر...... دشمن جو سيون موڙين گجرن وانگر ويو ڪاٽيندو ۽ آخر ويو ڪٽي پاتالين......

واهہ، سندي ويو ناري!

توکي وار وار نمسڪار!

سنسڪار سريتا

پرم پوجنيہ آشارام مهاراج

موڪش جو مدار ڪنهن سمپرداءِ يا مت پنٿ تي نہ آهي. مڪت مهاتما بنڌڻ مڪت هوندا آهن. نہ پاپ بنڌڻ ۾ رهندا آهن ۽ نہ پُڃ بنڌڻ ۾ رهندا آهن ۽ نہ اُهي ڪنهن کي بنڌڻ ۾ رکندا آهن. هو هرهڪ کي مڪتيءَ جو مارگ بخشيندا آهن. پاهوان سب

پر هيءَ ڇا! هن نوجوان ٻه قدم وڌايا. ٻاهر جي در وٽ پهتو. در بند هو... نوجوان ڪنوار کي آواز لڳايو.

ڪنوار آواز ڪري پڇيو، "ڇو واپس آيا؟"

نوجوان- "مٺڙي! مون کي تنهنجي منهن ڏسڻ جي پياس لڳي آهي... تنهنجي پيار ۽ محبت ڪري واپس آيو آهيان... هڪوار مکڙو ڏيکار..."

ڪنوار وراڻي ڏني، "ٿورو وقت ترسو... توهان جي تمنا پوري ڪريان ٿي... اڃا توهان سان ملان ٿي..."

ان بعد هن قلم ڪاغذ ڪڍيو ۽ هيٺين طرح لکڻ لڳي.

"پراڻ ناٿ،

توهان کي ته خوب ڄاڻ آهي ته ديش ڏانهن فرض ادائي ۽ ديش پريم سڀ کان اول آهي ۽ ٻيون ڳالهيون سڀ پوءِ. اوهين منهنجي موهه ممتا، پريم جي وس ٿي واپس آيا.. اهو هڪ ڪارو ڪلنڪ آهي.. مان پنهنجو مکڙو هن ڇنيءَ سان گڏ ٿالهيءَ پر، داسيءَ هتان موڪلائي رهي آهيان.... ان بعد فڪر ۽ ڦرني کان سواءِ هوش، همت ۽ جوش سان دشمن سان لڙندا رهو..

مڪتيءَ اُڏو وڏهن آهي اڳيان ۽ اهم، جڏهن
سان مهابرشن جو وڏو وروڌ هوندو آهي. سنت
اڳيان ڪان منش ڪي مڪت ڪرڻ لاءِ ٻڌهڻن و ٻهن اُي
اُهن جو زور لڳائي ٻيهدا آهن. منش جو من جتي
جڏهن ڪي ٻڪڙيندو آئان من جي ٻڪڙ ڇڏائيندا
۽ ڇڏڻ لاءِ سمجهائيندا آهن. من موهه ڪي ٻڪڙيندو
۽ عرف موهه اُي ڇڏائيندا آهن. سنت ٻاهران ڪجهه
۽ نه ڇڏائيندا آهن، عرف اندران سڀ ڇڏيو اُن تڏهن
اُي آلر-درشن ڏيس. سنت اهي ٽوٻا آهن جيڪي
منش جي من ۾ وڃي سڀ ڳالهيون ڳولهي لهندا آهن
من ۾ اهنڪار هوندو ته اهنڪار ڇڏائڻ لاءِ اهم تي
ٽوٽر جي چوٽ ڪندا آهن. اهي جيڪڏهن منش
سرل سڀاءَ جو هوندو ته "راضي هئه تيري رضا ۾"
سوچي سهي ويندو ٻيءَ حالت ۾ نه ۽ سهي سگهندو
آهي. نه سهندڙن مان ڪيترا وري ورونڌي ٿيڄي
ويندا آهن، سنت نه ڀلو اُي چاهيندا آهن. منش ڪي
سندس منزل تي پهچائڻ جو ساهس ڪري سندس
وڪار ڇڏائڻ لاءِ سندرو ٻڌي ٻيهندا آهن. وڪار
ڇڏائڻ جي ڪلا يا اُڪل سنتن وٽ اُئي هوندي
آهي، ويچاري منش وٽ اها ڪلا نه هوندي آهي.
موهه ڇڏي ۽ ڏئي، ڪام ڇڏي ۽ ڏئي، لوڀ ڇڏي
۽ ڏئي، ڪروڌ ڇڏي ۽ ڏئي ٻر ٻڄڙيءَ جو اهم

وھنوار ڪندي ۽ اندران ايشور کان سواءِ اڪيلائي ھوندا آھن. ڪبير صاحب کان پوءِ پڻ سندن پوئلڳن ڪبير پنٿ ٺاھيو. پر ڪبير ڪڏھن ۽ پنٿ پر نہ ھو. نانڪ صاحب کان پوءِ پڻ ئي پنٿ ھٹايو ويو پر اڄ ان پنٿ مان ٻيو نانڪ صاحب ڪٿي پئدا ٿي سگھيو آھي. ڇاڪاڻ تہ ھت اڪيلو ٿي گھرجي. پرماتما خود اڪيلو آھي. ھن جو نہ ڪوئي مت مذھب آھي ۽ نہ ئي ڪو پنٿ يا ذات. ھو تہ ايڪو اونڪار آھي. ھو نہ ھندو آھي ۽ نہ مسلمان، نہ پارسي آھي ۽ نہ عيسائي. ڪو بہ ڌرم ھن جو نہ آھي ۽ سڀ ڌرم ھن مان آھن.

سنت ڪنھن جو نرادر تہ نہ ڪندا آھن پر آدر بہ نہ ڪندا آھن. ھوُ تہ سچ ئي سڃاڻن ۽ سچيتا صرف سنتن وٽان حاصل ٿي سگھندي آھي. باقي سڄو سنسار ڪوڙ ڪانسواءِ ڪجھہ ڏئي نٿو سگھي ۽ سنت سچ ڪانسواءِ ھڪ تہ ڪجھہ ڏيندا نہ آھن ۽ جيڪڏھن ڪجھہ ڏيندا بہ آھن تہ سچ ڪي ھضم ڪرڻ لاءِ. جيتوڻيڪ سنتن وٽ ڪجھہ بہ نہ ھوندو آھي. ھو بلڪل خالي ھوندا آھن. سنتن وٽ ڪا بہ چابي نہ ھوندي آھي. پر سڀ چابيون جنھن وٽ آھن، ان جي چابي سنتن ھوندي آھي. مڪتي جي چابي سنتن وٽ ئي ھوندي آھي.

* ڀڳوت پراپتيءَ سرل *

ستگرو سائين آسارام مهراج

چوندا آهن ته ست يُگ ۾ ورهين جي تپ سان پرماتما پراپتي ٿيندي هئي. دواپر يُگ ۾ يڳيه سان، ترتا ۾ ڌيان سان.

پر ڪليُگ ۾ ڪيول ڪلي يُگي ۾ ”ڪليجُگ ڪيول نام آڌارا، جپت نر اُتري سنڌو پارا“.

شاستر جو ڪوئي هڪ حصو پڙهي ڪو فيصلو نه ڪجي، شاستر جي تت مت کان چڱي طرح واقف ٿيڻ کپي. جيئن اهو ئي شاستر ۾ چوي ٿو:

رام ڀڳت جڳ چار پرڪارا
سڪر ليدو چارئو انگهه اُدارا
چهون چتورن ڪر نام آڌارا
گياني پرڀو هي وشيش پيارا.

رام جا، پرماتما جا ڀڳت چئن قسمن جا آهن. چارئي ايشور نام جو آڌار وٺن ٿا، سرشٽ آهن مگر گياني ته پرڀوءَ کي خاص پيارو آهي.

ڀڳوت گيتا ۾ اچي ٿو:

ته هي گيانيه سدا وشن سدا وشم ڪو پترو مهه ود پتي.
پرڀگن ۾ جپ سان، يڳيه، وغيره سان گيان ٿيندو آهي

اُن ٿي ٻُڌو ته، مونکي ڪوبه وڪار ڪونهي. ”وڪار نه هٿڻ“ جو به اهنڪار اچي ويندو آهي. جنهن جي خبر به نه پوندي آهي وڃاري منش کي ان ڪري سنت منش کي هڪ هنڌ ٽڪڻ نه ڏيندا آهن. هُن جو آديش آهي:

آگي بــڙهو ... رڪو نهين ... چلتي چلو

ايشور جو دوار ۽ گهٽي ايترا ته سوڙها، سنهڙا ۽ ننڍا آهن جو انسان لنگهندڙ وڏو نــه گهرجي، انسان لنگهندڙ ڏاهپ سياڻپ وارو نه گهرجي انسان لنگهندڙ الپ مت وارو نه گهرجي. انسان لنگهندڙ من مکه نــه گهرجي. انســان لنگهڻ لاءِ ته ننڍڙي ٻالڪ وانگر نردوش ۽ ننڍو ٿيڻو پوندو. ائين ته سڀ هوندي به صرف سرل سياڻا وارا ئي اگهامي ويندا آهن. جن هن دوار کي پار ڪيو آهي انهي ئي هيءُ دوار پار ڪرائي سگهندا آهن.

پريم گلي اتــي سانڪري جا ۾ دو نــه سماءِ.
ٻهائيءَ کي ڇڏيو، پيهه جي وڃار کي ڇڏيو، الک ڏسو اوڏرو.

... ...

اهڙي ئي ورتي ٻيو مريض آيو. انکي به ساڳي بيماري هئي پر هو غريب. ويد چيس: "ڪا ڳڻتي جي ڳالهه ڪانهي. هيءَ ڦڪي وٺ ٿوري منجهند جو، ٿوري شام جو کائج. بس! اڄ هو پيٽ جو سور غائب.

هن دوا کاڌي ۽ پئسن لاءِ پڇيو: ويد چيس "ٻه روپيا ڏئي ڇڏ" هن غريب ٻه روپيا ڏنئي تن وقت جي ڦڪي ورتي ۽ نيڪ ٿي ويو.

اهڙيءَ ريت ويدن جو ويد، حڪيمن جو حڪيم پرماتما به ساڳيو ئي آهي. اسانجي اڳيان جو مرض به اهو ئي آهي. اڳي زماني ۾ مهاتمن وٽ وقت هوندو هيو، اهڙي شڪتي هئي، جو گهڻي وقت تائين علاج ڪرڻ کانسواءِ بيماري ڇڏندي هئي.

هينئر؟ اهو پورو ڏيالو آهي. چوي ٿو:

اچو ٻارڙا اچو! وٺي وڃو.

اشٽاوڪر مهاراج چون ٿا ته: "شروڻ ماترڻ" ٻڌندي ٻڌندي به آتم گيان ٿي سگهي ٿو. پهرين ڪيترو سڀ شرط کانسواءِ ٻڌي شڪ ۽ اشرڌا ٿيندي هئي. اها هاڻي فقط ٻڌندي ٻڌندي ٿئي سگهي ٿي.

اڳين ناهي ته ان وقت ئي ست يگ هو. هاڻي ناهي. ستوگڻ ۾ ٿوهاڻي ورتي آهي ته ست يگ.

ڀ. ڀڳوان ڪرشن ارجن کي تتو گيان جو اپديش ڇو ڏنو؟ اوڌو کي آتم گيان ڇو ڏنو؟

عام ماڻهن لاءِ جپ پنهنجي جڳهه ٺيڪ آهي، هون ٺيڪ آهي، مگر جنهن وٽ سمجهه آهي، ٻڌي آهي. اهي پنهنجي پنهنجي يوگيتا انوسار ساڌن ڪري پار ٿي ويندا آهن. راجا جنڪ اشٽاوڪر منيءَ کان تتو گيان پائي پار ٿي ويو.

هڪ اهو به زمانو هو جو ماڻهو ٻارهان ٻارهان سال پندرهان پندرهان سال جپ ڪندا هئا. تڏهن وڃي کين سڌي ملندي هئي. پر ڪلجڳ ۾ سڌي جلدي پراپت ٿئي ٿي.

هڪ سيٺ کي اچي پيٽ ۾ سور پيو. ويد وٽ ويو دوا وٺڻ. ويد ڏٺو تہ آهي شاهوڪار ماڻهو سو کيس سستي دوا اثر نہ ڪندي. چيائينس:

”تورو ترس! ٻوٽي گهوٽي، سون جي ڀسم ۽ ڀنگ، ڀسم ملائي فقي ٺاهڻي پوندي. تورو وقت وڌيڪ لڳندو. پر فقي سٺي ٿو ٺاهي ڏيان.“ ڪافي وقت کانپوءِ ويد کيس دوا هٿ ۾ ڏني. هن دوا ورتي ۽ فائدو بہ پيس.

سيٺ دوا جا پئسا پڇيس، ويد چيس ”فقط ٻارهان سؤ رپيا.“ سيٺ پئسا ڏئي روانو ٿيو.

آهي. رجوگڻ سان گڏ ستوگڻ ۾ ورتي آهي ته دواپر
يڳ آهي. تموگڻ ۽ رجوگڻ گڏيل آهي ته ترتيا يڳ
۽ ورتي تموگڻ ۾ آهي ته ڪلجڳ آهي. ست يڳ ۾
به ڪلجڳ جا ماڻهو هئا.

ڀڳوان رام هو ته به راوڻ هو. ڀڳوان ڪرشن جي
وقت به ڪنس هو. ستين يڳن ۾ سڀ ماڻهو سٺا هجن
ائين ضروري ناهي. خراب يڳ ۾ مڙئي ماڻهو خراب
نه آهن.

تنهن ڪري ديوي سمپدا جا جيڪي سدگڻ آهن:
نرڀيتا. ستوسنشدي، گيان ۾ استتي، سواڌياءِ، تپ ترتا،
سرلتا، ڪميا وغــيره ڇهويهه لڇڻ پنهنجي جيون ۾
آڻيو. آتم گياني مهاپرشن جو سنگ ڪريو ته ڪلجڳ
۾ به جلد ايشور پراپتي ٿيندي. ديوي سمپدا ۾ وڌي
وڌائي اگر ماڻهو تن دولت وڌائڻ چاهي ته وڌائي
سگهي ٿو، مان مرتبو ماڻڻ چاهي تــه اهو به ماڻي
سگهي ٿو ۽ جي پرماتما پراپتي ڪرڻ چاهي ته ان
منڙي مالڪ سان به ملي سگهي ٿو.

✿ شانتي...... ✿ آنند...... ✿ مڪتي!!!

✿ گـــرو ✿

ARVESH DARSHAN MONTHLY
ri Yog Vedant Seva Samiti Sabarmati, Ahmedabad.
gd. No. G.M.C. 640 (August 1997)

* امولڪ وچن *

* مان آتما آهيان...... شرير نه آهيان......
ڏينهن رات اهڙو اڀياس ڪندي آتم آنند جـ
انڀوُ ڪرڻ گهرجي. اهو ئي مڙش جيون جـ
پرمارٿ آهي.

تڏهن به وڏي عجب جي ڳالهه آهي تـ، جڏهـ
شرير وغيره کي نصيب تي ڇڏي ڏيڻ گهرجي
لاءِ مڙش چنتا ڪندو ٿو رهي ۽ جڏهن لاءِ پرمارٿ
ڪرڻ تمام ضروري آهي اهو (آتمڪ اڌار جو ڪاري
نصيب تي ڇڏي ٿا ڏيون.

ادم آتما ڏانهن لڳايو ۽ شاريرڪ يـا مانسـ
اپاديون (تڪليفون) نصيب تي ڇڏي ڏيو.

* توهان جي برهم ڀڳتي ۾ توهان کي شڪ آهي ڇا
ان وشيه ۾ هردي ۾ شڪ ڪرڻ بـدران ٻئي و
جي گوليءَ کي استان ڏيڻ بهتر آهي. توهان جـ
انتہ ڪرڻ توهان کي دوکو ڏئي رهيو آهي. ا
کي ڪڏهن قبول ڪري ڇڏيو. هردي ۾ اتساهـ
ڀري، ستيه جي ساگر ۾ پرويش ڪريو. ڇو ڇ
ٿا پيا؟ توهان جي دويه آتما تـ سرو شڪتيوان
آهي. انجو پرڪاش پوندي ئي سارو سنسار
روشن ٿئي ٿو.